# سٺا دوست

گهر نمبر10 ۽ گهر نمبر11 گڏوگڏ هئا. چندا نالي جي هڪ ٻلي گهر نمبر 10 ۾ رهندي هئي ۽ راج نالي جو هڪ ڪتو گهر نمبر 11 ۾ رهندو هو.

ٻنهي گهرن جي وچ ۾ پٽ ڏنل هئي، چندا ان پٽ تي ويهندي هئي، راج پٽ تي چڙهي نہ سگهندو هو ان ڪر ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئس. جڏهن بہ چندا کي پٽ تي چڙهيل ڏسندو هو تہ ڀوئنڪندو هو.

جڏهن راج جو مال ان کي چڪر ڏيارڻ لاءِ وٺي ويندو هو تہ 10 نمبر ڦاٽڪ جي اندر ليئو پائيندو هو ۽ جي اتي چندا نظر اچي ويس تہ خوب ڀوئنڪندو هو.

ٻنهي ۾ هميشہ جهيڙو هوندو هو، پوءِ هڪ ڏينهن خاص ڳالهہ ٿي، چندا کي ٻچا پيدا ٿيا. ٽي ننڍڙا ننڍڙا ڪارا ۽ اڇا. ٻليءَ جا ٻچا جڏهن پيدا ٿيندا آهن تہ انهن جو اکيون بند هونديون آهن. هڪ هفتي کان پوءِ کلنديون آهن. جڏهن هلڻ شروع ڪندا آهن تہ هوريان هوريان هلندا آهن ۽ هلندي هلندي ٿاٻڙجندا بہ آهن.

چندا جي سڀني کان ننڍڙي ٻچي جو هڪ ڪن ڪارو ۽ هڪ اڇو هو. ۽ ان جو نالو هو تارا.

هڪ ڏينهن تارا ڦاٽڪ مان نڪتي ۽ پارڪ هلي وئي. پارڪ ۾ هڪ حوض هو. تارا ڏٺو تہ هڪ جهرڪيءَ حوض مان پاڻي پيتو ۽ اڏامي وئي. تارا هڪ ماکي جي مک ڏٺي، ماکي جي مک پاڻي مٿان ڀون ڀون پئي ڪري. تارا هڪ ڏيڏر بہ ڏٺو، ڏيڏر حوض مان خشڪي تي ٽپ ڏنو، تارا پاڻي جي ويجهو وئي تہ ان جو پير ترڪي پيو ۽ هوءَ پاڻي ۾ ڪري پئي.

ٻلين کي پاڻي پسند نہ هوندو آهي. انهن کي ترڻ بہ نہ ايندو آهي. تارا هڪ ننڍڙي ٻلي هئي، هوءَ پاڻي ۾ هٿ پير هٽي رهي هئي، ترڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

ايتري ۾ راج پاڻي وٽ آيو، ڪتا تري سگهندا آهن. اسان سڀني وانگر جانور بہ ٻارن کي تڪليف ۾ ڏسي نہ سگهندا آهن. راج پاڻي ۾ ٽپ ڏنو، هن تارا کي ڳچي مان جهليو ۽ حوض مان ٻاهر ڪڍي آيو. تارا زمين تي آئي پرسيءَ سبب ڏڪي رهي هئي. راج ان کي چٽيو، ٻنهنجي نڪ سان هن جا پاسا ورائيندو رهيو، ٿوري دير ۾ تارا اٿي کڙي ٿي.

ايتري دير ۾ چندا ڊوڙندي آئي هوءَ تارا کي تلاش ڪري رهي هئي. راج ان کي چٽي رهيو هو ۽ تارا ان جي ڪن سان کيڏي پئي.

ان ڏينهن کان چندا ۽ راج جو جهيڙو ختم ٿي ويو، پر پوءِ بہ هو هڪٻئي سان کيڏندا نہ هئا ليڪن تارا ۽ راج پاڻ ۾ سٺا دوست ٿهي ويا. جڏهن بہ ملندا هئا تہ گڏجي کيڏندا هئا.

**ليککا رابعہ احمد**

**سنڌي ۾ ترجمو**
**عطيہ دائود**